ع ٣٠ فَذُوقُوا فَلَنْ نَّزِيدَكُمْ إِلَّا عَذَابًا ﴿٣٠﴾ إِنَّ لِلْمُتَّقِينَ مَفَازًا ﴿٣١﴾

پوءِ توهان عذاب چکو، پوءِ هرگز اسين زياده نه ٿا ڪريون مگر عذاب. بيشڪ پرهيزگارن لاءِ ڪاميابي آهي.

حَدَآئِقَ وَأَعْنَابًا ﴿٣٢﴾ وَّكَوَاعِبَ أَتْرَابًا ﴿٣٣﴾ وَّكَأْسًا دِهَاقًا ﴿٣٤﴾

باغ آهن ۽ انگور آهن. ۽ نوجوان عورتون هڪ جيتريون عمر ۾ آهن. ۽ ڀريل پيالا آهن.

لَا يَسْمَعُونَ فِيهَا لَغْوًا وَّلَا كِذَّابًا ﴿٣٥﴾ جَزَآءً مِّن رَّبِّكَ عَطَآءً

اهي جنت ۾ نه لغو ڪلام ٻڌن ٿا ۽ نه ڪوڙ ٻڌن ٿا. اهو رب جي طرفان توهان جي عملن جي

حِسَابًا ﴿٣٦﴾ رَّبِّ السَّمٰوٰتِ وَالْأَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا الرَّحْمٰنِ

مڪمل جزا آهي. اهو رب آسمانن ۽ زمين جو ۽ جيڪي انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهي رحمان سان

لَا يَمْلِكُونَ مِنْهُ خِطَابًا ﴿٣٧﴾ يَوْمَ يَقُومُ الرُّوحُ وَالْمَلٰٓئِكَةُ

انهن کي ڳالهائڻ جي اجازت نه هوندي. ان ڏينهن جبرئيل امين ۽ ملائڪ صفون ٻڌي

صَفًّا لَّا يَتَكَلَّمُونَ إِلَّا مَنْ أَذِنَ لَهُ الرَّحْمٰنُ وَقَالَ صَوَابًا ﴿٣٨﴾

بيهندا. (مخلوق خوف جي ڪري) اُن سان ڳالهائيندي مگر جنهن کي رحمان اجازت ڏني ۽ انهي سڌي ڳالهه چئي.

ذٰلِكَ الْيَوْمُ الْحَقُّ فَمَن شَآءَ اتَّخَذَ إِلَىٰ رَبِّهِ مَآبًا ﴿٣٩﴾

اهو ڏينهن حق آهي، پوءِ جيڪو چاهي اهو پنهنجي رب ڏانهن رستو ٺاهي.

إِنَّآ أَنذَرْنَاكُمْ عَذَابًا قَرِيبًا يَوْمَ يَنظُرُ الْمَرْءُ مَا

بيشڪ اسين توهان کي ان عذاب کان ڊيڄاريون ٿا جيڪو قريب آهي. ان ڏينهن انسان (ڪافر) پنهنجا ڪيل

ع ٢/١٠/٢ قَدَّمَتْ يَدَاهُ وَيَقُولُ الْكَافِرُ يٰلَيْتَنِي كُنتُ تُرَابًا ﴿٤٠﴾

عمل ڏسندو ۽ ڪافر چوندو هاءِ افسوس آئون مٽي ٿي وڃان.

(اٰيَاتُهَا ٤٦) (٧٩) سُوْرَةُ النّٰزِعٰتِ مَكِّيَّةٌ (٨١) (رُكُوْعَاتُهَا ٢)

سورة والنازعات مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي آهي، انهي ۾ ٤٦ آيتون ۽ ٢ رڪوع آهن.

وَالرُّوحُ فِيهَا بِإِذْنِ رَبِّهِمْ ۚ مِنْ كُلِّ أَمْرٍ ﴿٤﴾ سَلَامٌ ۛ

۽ جبرئيل امين پنهنجي رب جي حُڪم سان لهن ٿا، انهيءَ رات ۾ ﴿هر ڪم لاءِ﴾ پره ڦٽڻ تائين

هِيَ حَتَّىٰ مَطْلَعِ الْفَجْرِ ﴿٥﴾

هر ڳالهه کان سلامتي آهي.

## سُورَةُ الْبَيِّنَةِ مَدَنِيَّةٌ (٩٨)

آياتها ٨ (١٠٠) رکوعها ١

سورة بيّنة مدينه منوره ۾ نازل ٿي آهي انهيءَ ۾ هڪ رڪوع ۽ ٨ آيتون آهن.

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو نهايت مهربان ٻاجهارو (آهي).

لَمْ يَكُنِ الَّذِينَ كَفَرُوا مِنْ أَهْلِ الْكِتَابِ وَالْمُشْرِكِينَ

اهل ڪتاب (يهودي ۽ نصاريٰ) ۽ مُشرڪ (بُت پرست) پنهنجي مذهب کي

مُنْفَكِّينَ حَتَّىٰ تَأْتِيَهُمُ الْبَيِّنَةُ ﴿١﴾ رَسُولٌ مِنَ اللَّهِ

ڇڏيندڙ نه هئا ايستائين جو انهن وٽ واضح دليل نه اچي. يعني اهو رسول الله (صلى الله عليه وسلم) جيڪو

يَتْلُو صُحُفًا مُطَهَّرَةً ﴿٢﴾ فِيهَا كُتُبٌ قَيِّمَةٌ ﴿٣﴾ وَمَا

(انهن تي) پاڪ صحيفا پڙهي ٿو. انهن ۾ انصاف واري لکت آهي. ۽ نه

تَفَرَّقَ الَّذِينَ أُوتُوا الْكِتَابَ إِلَّا مِنْ بَعْدِ مَا جَاءَتْهُمُ

فرقه بندي ڪئي اهل ڪتاب مگر اُن کان پوءِ جو انهن وٽ واضح دليل

الْبَيِّنَةُ ﴿٤﴾ وَمَا أُمِرُوا إِلَّا لِيَعْبُدُوا اللَّهَ مُخْلِصِينَ لَهُ

پهتا. ۽ انهن کي نه حُڪم ڪيو ويو مگر اهو ته اهي خالص عقيدي سان الله تعالىٰ جي

الدِّينَ حُنَفَاءَ وَيُقِيمُوا الصَّلَاةَ وَيُؤْتُوا الزَّكَاةَ

عبادت ڪن، (سڀ ڏينن کي ڇڏي) فقط دين اسلام ڏانهن مائل هجن ۽ نماز پڙهن ۽ زڪوٰة ڏين

مَا فِي الْقُبُوْرِ ﴿٩﴾ وَحُصِّلَ مَا فِي الصُّدُوْرِ ﴿١٠﴾ اِنَّ رَبَّهُمْ

۽ ٺاهه ڪري اُڇاريو ويندو. ۽ اهي راز کوليا ويندا جيڪي سينن ۾ آهن. بيشڪ انهن جو رب

ع ١١ ٢٥ بِهِمْ يَوْمَئِذٍ لَّخَبِيْرٌ ﴿١١﴾

ان ڏينهن انهن جي احوال کان يقينًا خبردار آهي.

## (١) اٰيَاتُهَا ١١ سُوْرَةُ الْقَارِعَةِ مَكِّيَّةٌ (١٠١) (٣٠) رُكُوْعُهَا ١

سورة قارعه مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي آهي؛ انهي ۾ هڪ رڪوع ۽ ١١ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان باجهارو (آهي).

اَلْقَارِعَةُ ﴿١﴾ مَا الْقَارِعَةُ ﴿٢﴾ وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا الْقَارِعَةُ ﴿٣﴾

قارِعَة! قارِعَة ڇا آهي؟ ۽ توهان کي ڪنهن ڄاڻايو ته قارِعَة ڇا آهي؟

يَوْمَ يَكُوْنُ النَّاسُ كَالْفَرَاشِ الْمَبْثُوْثِ ﴿٤﴾ وَتَكُوْنُ

اُن ڏينهن (قيامت جي ڏينهن) ماڻهو مُنتشر پتنگن وانگر هوندا. ۽ ان ڏينهن

الْجِبَالُ كَالْعِهْنِ الْمَنْفُوْشِ ﴿٥﴾ فَاَمَّا مَنْ ثَقُلَتْ

جبل پڃيل اُن وانگر هوندا. پوءِ جنهن ماڻهو جون نيڪيون

مَوَازِيْنُهٗ ﴿٦﴾ فَهُوَ فِيْ عِيْشَةٍ رَّاضِيَةٍ ﴿٧﴾ وَاَمَّا مَنْ

ڳريون هونديون. پوءِ اهو جنّت[1] ۾ آهي. ۽ پر جنهن ماڻهو

خَفَّتْ مَوَازِيْنُهٗ ﴿٨﴾ فَاُمُّهٗ هَاوِيَةٌ ﴿٩﴾ وَمَآ اَدْرٰىكَ

جون نيڪيون هلڪيون هونديون. پوءِ ان جي رهڻ جي جاءِ هَاوِيَة آهي. ۽ توهان کي ڪنهن

ع ١١ ٢٦ مَا هِيَهْ ﴿١٠﴾ نَارٌ حَامِيَةٌ ﴿١١﴾

ڄاڻايو ته اها ڇا آهي؟ اها هڪ ٻرندڙ[2] باهه آهي.

[1] تفسير مظهري. [2] تفسير جلالين.

# دُعَاءُ خَتْمِ الْقُرْاٰنِ

صَدَقَ اللهُ الْعَلِيُّ الْعَظِيْمُ ○ وَصَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْمُ ○ وَنَحْنُ عَلٰى ذٰلِكَ
مِنَ الشّٰهِدِيْنَ ○ رَبَّنَا تَقَبَّلْ مِنَّا اِنَّكَ اَنْتَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ○ اَللّٰهُمَّ ارْزُقْنَا بِكُلِّ حَرْفٍ مِّنَ الْقُرْاٰنِ حَلَاوَةً
وَّبِكُلِّ جُزْءٍ مِّنَ الْقُرْاٰنِ جَزَآءً اَللّٰهُمَّ ارْزُقْنَا بِالْاَلِفِ اُلْفَةً وَّبِالْبَآءِ بَرَكَةً وَّبِالتَّآءِ تَوْبَةً وَّبِالثَّآءِ ثَوَابًا
وَّبِالْجِيْمِ جَمَالًا وَّبِالْحَآءِ حِكْمَةً وَّبِالْخَآءِ خَيْرًا وَّبِالدَّالِ دَلِيْلًا وَّبِالذَّالِ ذَكَآءً وَّبِالرَّآءِ رَحْمَةً وَّبِالزَّاءِ
زَكٰوةً وَّبِالسِّيْنِ سَعَادَةً وَّبِالشِّيْنِ شِفَآءً وَّبِالصَّادِ صِدْقًا وَّبِالضَّادِ ضِيَآءً وَّبِالطَّآءِ طَرَاوَةً وَّبِالظَّآءِ
ظَفَرًا وَّبِالْعَيْنِ عِلْمًا وَّبِالْغَيْنِ غِنًى وَّبِالْفَآءِ فَلَاحًا وَّبِالْقَافِ قُرْبَةً وَّبِالْكَافِ كَرَامَةً وَّبِاللَّامِ
لُطْفًا وَّبِالْمِيْمِ مَوْعِظَةً وَّبِالنُّوْنِ نُوْرًا وَّبِالْوَاوِ وُصْلَةً وَّبِالْهَآءِ هِدَايَةً وَّبِالْيَآءِ يَقِيْنًا ○ اَللّٰهُمَّ انْفَعْنَا
بِالْقُرْاٰنِ الْعَظِيْمِ ○ وَارْفَعْنَا بِالْاٰيٰتِ وَالذِّكْرِ الْحَكِيْمِ ○ وَتَقَبَّلْ مِنَّا قِرَآءَتَنَا وَتَجَاوَزْ عَنَّا مَا كَانَ فِيْ
تِلَاوَةِ الْقُرْاٰنِ مِنْ خَطَاٍ اَوْ نِسْيَانٍ اَوْ تَحْرِيْفِ كَلِمَةٍ عَنْ مَّوَاضِعِهَا اَوْ تَقْدِيْمٍ اَوْ تَاْخِيْرٍ اَوْ زِيَادَةٍ اَوْ
نُقْصَانٍ اَوْ تَاْوِيْلٍ عَلٰى غَيْرِ مَآ اَنْزَلْتَهٗ عَلَيْهِ اَوْ رَيْبٍ اَوْ شَكٍّ اَوْ سَهْوٍ اَوْ سُوْٓءِ اِلْحَانٍ اَوْ تَعْجِيْلٍ عِنْدَ
تِلَاوَةِ الْقُرْاٰنِ اَوْ كَسَلٍ اَوْ سُرْعَةٍ اَوْ زَيْغِ لِسَانٍ اَوْ وَقْفٍ بِغَيْرِ وُقُوْفٍ اَوْ اِدْغَامٍ بِغَيْرِ مُدْغَمٍ اَوْ اِظْهَارٍ
بِغَيْرِ بَيَانٍ اَوْ مَدٍّ اَوْ تَشْدِيْدٍ اَوْ هَمْزَةٍ اَوْ جَزْمٍ اَوْ اِعْرَابٍ بِغَيْرِ مَا كَتَبَهٗ اَوْ قِلَّةِ رَغْبَةٍ وَّرَهْبَةٍ عِنْدَ
اٰيٰتِ الرَّحْمَةِ وَاٰيٰتِ الْعَذَابِ فَاغْفِرْ لَنَا رَبَّنَا وَاكْتُبْنَا مَعَ الشّٰهِدِيْنَ ○ اَللّٰهُمَّ نَوِّرْ قُلُوْبَنَا بِالْقُرْاٰنِ
وَزَيِّنْ اَخْلَاقَنَا بِالْقُرْاٰنِ وَنَجِّنَا مِنَ النَّارِ بِالْقُرْاٰنِ وَاَدْخِلْنَا فِي الْجَنَّةِ بِالْقُرْاٰنِ اَللّٰهُمَّ اجْعَلِ الْقُرْاٰنَ
لَنَا فِي الدُّنْيَا قَرِيْنًا وَّفِي الْقَبْرِ مُؤْنِسًا وَّعَلَى الصِّرَاطِ نُوْرًا وَّفِي الْجَنَّةِ رَفِيْقًا وَّمِنَ النَّارِ سِتْرًا وَّحِجَابًا وَّ
اِلَى الْخَيْرٰتِ كُلِّهَا دَلِيْلًا فَاكْتُبْنَا عَلَى التَّمَامِ وَارْزُقْنَا اَدَآءً بِالْقَلْبِ وَاللِّسَانِ وَحُبَّ الْخَيْرِ
وَالسَّعَادَةِ وَالْبِشَارَةِ مِنَ الْاِيْمَانِ ○ وَصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى خَيْرِ خَلْقِهٖ مُحَمَّدٍ وَّاٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ
وَاَتْبَاعِهٖ اَجْمَعِيْنَ ○ اٰمِيْنَ ○ وَسَلَّمَ تَسْلِيْمًا كَثِيْرًا اَبَدًا ○

# سرٹیفکیٹ

میں نے یہ پورا قرآن تیس پارے شروع سے لیکر آخر تک حرف بحرف چیک کیا ہے۔

تصدیق کی جاتی ہے کہ اس پورے قرآن مجید کے متن اور اعرابات وغیرہ میں کوئی غلطی نہیں ہے۔

مولوی محمد اللہ وسایا خان

مولوی محمد اللہ وسایا خان

مستند پروف ریڈر
وزارت مذہبی امور
پاکستان اسلام آباد

نمبر 515

# اِنتِسَابُ

آئون پنهنجي هن ترجمي شريف مُسَمّیٰ به

## بيانُ الرحمٰن في ترجمة القرآن

کي پنهنجي والد بزرگوار اعلیحضرت فيض درجت پير آغا عبدالحميد جان سرهندي فاروقي سجاده نشين درگاهِ مجدديه ٽنڊو سائين داد ۽ گرامي قدر پنهنجي والده ماجده مد ظلهما جن جي نالن مبارڪن ڏانهن مَنسُوبُ ڪريان ٿو. والدين ڪريمين جي دعائن ۽ شفقتن سان اڄ اَلحَمدُ للهِ قرآن ڪريم جو ترجمون اول کان آخر تائين ٺڪي پوري ڪيو اٿم، جيڪو هن وقت ۳۰ پارن جي هڪ جلد ۾ توهان جي هٿن ۾ موجود آهي.

گر قبول افتد زهي عز و شرف

فقير عبدالوحيد عفي عنهُ

۲۷ رمضان المبارڪ ١٤١٩ھ / 15 جنوري 1999ع

از درگاهه مجدديه ٽنڊو سائينداد ضلع حيدرآباد

# اظهار تشڪر

آئون خلوصِ دل سان محترم جناب

الحاج قاضي عبدالقدُّوس راڄڙ صاحب جو تورائتو آهيان

جن پوري ڪوشش ڪري بَيَانُ الرَّحْمٰن فِي تَرجَمَةِ القُرآن

ڪي شائع ڪرايو آهي. ان ساڳئي ڪم ۾ سيني معاونن جي پڻ مهرباني.

اسين سيني لاءِ دعاگو آهيون. شال رَبّ العالمين

پنهنجي حبيب ڪريم صلّى الله تعالىٰ عليهِ وآلهِ وسلَّمَ جي

طُفيلي سيني کي خوش آباد سلامت رکي ۽ اجرِ عظيم سان

نوازي، آمين.

فَاِنَّهٗ عَلىٰ ذٰلِكَ قَدِيرٌ.

راقمُ الحرُوف:

فقير عبدالوحيد عفي عنه

از: درگاهه مجددّيه، ٽنڊو سائينداد

# مترجم جي طرفان
## مختصر وضاحت

بفضلهٖ تعالىٰ تاريخ ٢٧ رمضان المبارڪ ١٤١٩ھ / ١٥ جنوري ١٩٩٩ع تي

بيان الرحمٰن في ترجمة القرآن

جو مڪمل ترجمون ٣٠ پاره لکي پورو ڪيو ويو آهي. فالحمد لله على ذالك.

هن ترجمي ۾ الله تعالىٰ جلَّ جلالهٗ ۽ پاڪ ڪريمن صلى الله عليه وآله وسلم جي نالن مبارڪن جو تفسيري ترجمون تحقيقات سان شامل ڪيو ويو آهي.

محترم قارئين حضرات توهان جي اڳيان

بيان الرحمٰن في ترجمة القرآن

جون ڪجھ خصوصيتون پيش ڪجن ٿيون:-

① قرآن ڪريم جو سنڌي ۾ تفسيري ترجمون بيان ڪيو ويو آهي.

② قرآن ڪريم جي ترجمي ۾ الله تعالىٰ جو تقدّس برقرار رکيو ويو آهي.

③ قرآن ڪريم جي ترجمي ۾ حبيب ڪريم صلى الله عليه وآله وسلم جو شان نمايان رکيو ويو آهي.

④ قرآن ڪريم جي ترجمي ۾ صحابه ڪرام ۽ اهل بيت جي عظمت ظاهر ظاهر ڪئي وئي آهي.

⑤ قرآن ڪريم جي ترجمي ۾ اولياء الله جي تعظيم بيان ڪئي وئي آهي.

⑥ قرآن ڪريم جي ترجمي ۾ قديم مفسرين کان حوالا ورتا ويا آهن.

⑦ قرآن ڪريم جي ترجمي ۾ عربي گرامر ۽ بنيادي قاعدن تي عمل ڪيو ويو آهي.

⑧ قرآن ڪريم جي ترجمي ۾ مؤدبانه الفاظ استعمال ڪيا ويا آهن.

⑨ قرآن ڪريم جي ترجمي ۾ هر هڪ عربي لفظ جي سنڌي ۾ معنيٰ بيان ڪئي وئي آهي.

⑩ قرآن ڪريم جي ترجمي ۾ خاص جاين تي مُستند تفسيرن جا حوالا ڏنا ويا آهن.

علاوه ازين اسان پنهنجي سمجهه ۽ علم مطابق پوري پوري ڪوشش ڪري نهايت صحيح سنڌي ۾ بامحاوره تفسيري ترجمون پيش ڪريون ٿا اميد ته اسان جي اها ڪوشش بارگاهه رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ ۾ رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ جي طُفيلي قبول پوندي. وَمَا ذٰلِكَ عَلَى اللهِ بِعَزِيْزٍ ○

بَيَانُ الرَّحْمٰنِ فِيْ تَرْجَمَةِ الْقُرْآنِ ۾ هيٺين مُستند تفسيرن مان حوالا ورتا ويا آهن:

① تَفْسِيْرِ كَبِيْرٌ عربي ② تَفْسِيْرِ بَيْضَاوِيْ عربي
③ تَفْسِيْرِ مَظْهَرِيْ عربي ④ تَفْسِيْرِ جَلَالَيْنِ عربي
⑤ تَفْسِيْرِ نَسَفِيْ عربي ⑥ تَفْسِيْرِ كَمَالَيْنِ عربي
⑦ تَفْسِيْرِ عَبَّاسٌ عربي ⑧ تَفْسِيْرِ اتقان عربي
⑨ تَفْسِيْرِ مُفْرَدَاتٌ عربي ⑩ تَفْسِيْرِ لُغَاتُ الْقُرْآنِ عربي
⑪ تَفْسِيْرِ جَامِعُ الْبَيَان عربي ⑫ تَفْسِيْرِ رُوْحُ الْبَيَان عربي
⑬ تَفْسِيْرِ رُوْحُ الْمَعَانِيْ عربي

مِنْ جَانِبْ مُتَرْجِم:

عبدهٗ عبد الوحيد سرهندي عفي عنه

از درگاهه مجدديه، ٽنڊو سائينداد

تاريخ: ٢٧ رمضان المبارڪ ١٤١٩ هه

عظيم الشان ترجمي

# بيان الرحمان في ترجمة القرآن

## جي باري ۾ وضاحت

از: سيد قمرالزمان شاهه. حيدرآباد. سنڌ

هن عظيم، منفرد ۽ خوبين سان ڀرپور ترجمي جي عظيم مترجم جيڪا هن دور ۾ لاثاني شيء هن قرآن ڪريم جي ترجمي جي صورت ۾ اسان مسلمانن کي نصيحت، برڪت ۽ روحاني قوت حاصل ڪرڻ لاء عطا ڪئي آهي، اها ڪا معمولي يا بازاري ۽ ڪاروباري شيء نه آهي. بلڪ جيڪي هن کي ٻين عام ترجمن کان منفرد بنائي اعليٰ مقام ڏين ٿيون، تن خوبين جو آءٌ هت چند لفظن ۾ ذڪر ڪرڻ پاڻ تي فرض سمجهان ٿو.

1- هن ۾ سولي سهاجهي سنڌي ٻولي، جو استعمال نهايت نرالي ۽ منفرد انداز ۾ ڪيو ويو آهي. ٻولي، جي رواني ۽ لفظن جو ورجاء اهڙي نموني سان ڪيو ويو آهي، جو پڙهندڙ جي زبان ۽ دل و دماغ ڪٿي به منجهي نه پوي، بلڪ بغير هٻڪ ۽ رنڊڪ جي مفهوم کي واضح طرح سمجهندو، پڙهندو مزو ۽ لطف وٺندو وڃي.

ان کان علاوه ترجمي ۾ عربي لفظن جي ترجمي جو محل ۽ موقعي جي لحاظ سان تمام گهڻو خيال رکيو ويو آهي، جيئن ته ڪو لفظ اگر ڪفار لاء استعمال ٿيل آهي ته اتي ان جي معنيٰ "بيوقوف" ڪئي وئي آهي، پر جيڪڏهن ساڳيو لفظ اگر صحابه ڪرام لاء استعمال ٿيو آهي، ته اتي ان جي معنيٰ اها (بيوقوف) نه ڪئي وئي آهي، پر اتي ان جي معنيٰ صحابه ڪرام جي شان مطابق "بي سمجهه يا اڻ ڄاڻ" ڪئي وئي آهي، بيوقوف نه.

قرآن شريف ۾ جتي به حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم، انبياء ڪرام، اصحابه ۽ اولياء عظام جو ذڪر آيو آهي، اتي عام مترجمن سندن ادب ۽ احترام جو خاص خيال ناهي رکيو، پر سائين جن اتي ادب ۽ احترام کي نظر ۾ رکندي عمده نموني سان سندن شان ۾ نهايت شائسته ۽ پيارا لفظ استعمال ڪري هن ترجمي جي اهميت کي منفرد حيثيت ڏني آهي ۽ سنڌي ٻولي، جي ادبي اسلوب جو پورو پورو حق ادا ڪيو آهي.

وڏي ڳالهه ته ايجان هيء آهي جو اسان سائين جن کي هڪ اهڙو ڪتابت ٿيل قرآن ڪريم جو عربي متن ڏنو هو، جنهن جي هر سٽ هيٺان ترجمي جي محدود جاء ڇڏيل هئي ۽ سائين جن کي ان سڄي سٽ جو خوبصورت ترجمو ۽ تفسير مڪمل سمجهائي، سان انهيء محدود جاء ۾ ئي پورو

ڪرڻو هو، سمورو قرآن شاهد آهي ته ڪٿي به سائين جن هڪ آيت ۽ ست جو ترجمو هروڀرو ٻي ست تائين نه پهچايو آهي، بلڪ تمام سهڻي انداز ۽ خوبصورتيءَ سان اتي ئي ان کي پورو ڪيو. گڏوگڏ اسان جي ڪاتب فقير به انهيءَ نفاست کي خوب نڀائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

جيڪڏهن ڪنهن کي قرآن پاڪ جي سمجهڻ جي خواهش هجي ته ان کي کپي ته هڪ ڀيرو فقط سنڌي ترجمو ئي پڙهي سمورو قرآن پورو ڪري ته ان کي مطلب سمجهڻ ۾ ڪافي ڪجهه مدد ملندي ۽ پڙهندي ڪٿي به ڪا ڏکيائي يا هٻڪ محسوس نه ٿيندي. اها هن ترجمي جي خصوصيت آهي.

2- هن ترجمي جي ٻيءَ به هڪ انفرادي خصوصيت آهي، جو مترجم صاحب هن ترجمي ڪرڻ وقت اهڙن قديم ۽ عظيم عربيءَ جي تيرهن تفسيرن کان مدد ورتي آهي ۽ هر صفحي تي انهن جي مطابق ترجمو ڪري حوالا ڏنا آهن، جن جي قدامت، اهميت ۽ خصوصيت کان اڄ جو ڪوبه مذهبي فرقو انڪاري ناهي. بلڪ موجوده دور جي هر مڪتب فڪر جي تعليم و تدريس ۽ ريسرچ جو دارومدار سيني شعبن ۾ انهن تيرهن ئي تفسيرن تي آهي، جن جي اهميت هڪ ٻئي کان وڌيڪ آهي. انهن تفسيرن جي لسٽ پڻ هن ترجمي جي شروع ۾ ڏنل آهي. يعني 1- تفسير ڪبير، 2- تفسير بيضاوي، 3- تفسير مظهري، 4- تفسير جلالين، 5- تفسير نسفي، 6- تفسير ڪمالين، 7- تفسير مقباس، 8- تفسير اتقان، 9- تفسير مفردات، 10- تفسير لغات القرآن، 11- جامع البيان، 12- تفسير روح البيان، 13- روح المعاني. (سڀ عربي).

ان ڪري هن ترجمي جي هڪ اها به خوبي آهي جو اهو انهيءَ مجيل تيرهن قديم تفسيرن جو نچوڙ آهي. باقي سائين جن موجوده دور جي فرقه واريت جي بوءِ سان آلود ۽ ادب ۽ زبان جي شائستگيءَ کان خالي ڪنهن به سنڌي، اردو، يا انگريزي ترجمي کان ڪابه مدد نه ورتي آهي. گويا هي ترجمو سائين جن هڪ ريسرچ اسڪالر جي حيثيت ۾ ڪري پاڻ ملهايو آهي. سنڌ يونيورسٽيءَ وارن ڪين آڇ ڏني ته انهيءَ ترجمي تي پي. ايچ. ڊيءَ جي ڊگري ڏني وڃي، مگر پاڻ اهو چئي انڪار ڪيائون. مون کي هتي دنيا جي پي. ايچ. ڊي نه کپي چوته سائين جن اڳ ۾ سنڌ يونيورسٽي مان به ايم. اي. فرسٽ ڪلاس ۾ ڪيون آهن.

3- بزرگن جو فرمان آهي ته قرآن ڪريم جي هر آيت ۾ هڪ ڳجهو لفظ رکيل هوندو آهي، جنهن جي حقيقي معنيٰ الله جل جلاله ۽ حضور حبيب ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي خاص نگاهه ڪرم کان سواءِ ڪنهن تي ظاهر نه ٿي ٿئي. اسان هت يقين سان چئون ٿا ته هن مترجم سائينءَ تي اهو ڪرم حبيب ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي خاص دعا مدد ۽ تائيد سان الله تعاليٰ ڪيو آهي جو پاڻ اهڙن ڳجهن لفظن جي خاص معنائن کي واضح ڪيو اٿن، ۽ ائين چوڻ نه هجي جو پاڻ وڏي پائي جي بزرگن جو اولاد آهن، سندن سلسلهء نسب حضرت مجدد الف ثاني سان ڳنڍيل آهي، حضرت آغا حسن جان ۽ آغا عبدالله جان سندن جد امجد آهن، ۽ پاڻ بذاتِ خود هڪ ڪامل شخصيت هجڻ سان گڏ ممتاز عالم دين آهن.

هي انڪشاف ۽ ڪرم پڻ سائين جن تي خصوصاً حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي طرفان ٿيو آهي، جو پاڻ جتي تشبيهات وارن لفظن جي معنيٰ ڪئي اٿن. اها ان ڪرم جو مظهر ثابت ٿي آهي. مثال طور: يا ايها المزمل- يا ايها المدثر: جنهن جي عام مترجمن "اي چادر اوڍڻ وارا" وغيره ڪئي آهي ته اتي سائين جن ترجمو ڪيو آهي ته: "اي نبوت جي چادر اوڍڻ وارا نبي"! اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ قرآن ڪريم ۾ نبي پاڪ صلي الله عليه وآله وسلم جي نسبت سان ڪنهن شيءِ جو قسم کنيو آهي ته اتي عام مترجمن ان جي اصل حقيقت کي نه سمجهيو آهي. جهڙوڪ: والنجم اذا هويٰ، جنهن جي معنيٰ عام مترجمن ستارو ڪئي آهي. مگر سائين جن ان جي معنيٰ "فائونڊيشن/ بنياد/ اصل" ڪئي آهي يعني پاڻ ڪريم معراج تي پنهنجي بنيادي ۽ حقي صورت ۾ نهايت تيز ويا ۽ تيز ترين موٽيا.

قاب قوسين او ادنيٰ، جي معنيٰ ڪيترائي مترجم اصل ۽ حقيقي نه ڪري سگهيا آهن. جو ان آيت ۾ اصل لفظ "او ادنيٰ" وڏي رمز وارو آهي. جنهن کي سائين جن واضح ڪندي مفهوم سمجهايو آهي ته پاڻ جسماني طرح معراج تي ويا، سدرة المنتهيٰ کان اڳتي فقط الله جل جلاله جو نور ٿي نور هو، جتي حضرت جبرئيل امين بيهي ويو ۽ عرض ڪيائين ته قبلا جيڪڏهن اڳتي هڪ وار برابر به چريس ته سڙي ويندس. ڇو ته جبرئيل امين جو وولٽيج پاور ايترو هو. مگر حضور نبي ڪريم انهيءَ جلوي سان اڳتي ويا ۽ ويندا رهيا، ڇو ته حضور پاڪ جو نور الله جل جلاله جي نور منجهان هو. ان ڪري ان کي ڪا به رڪاوٽ نه ٿي ۽ ان الله جي نور ۾ ويا ترندا، جنهن جي ڪا حد نه هئي. اهڙي قسم جي معنيٰ ڪرم کان سواءِ نه ٿيندي آهي. اهڙا پيا به ڪيترائي هنڌ آهن، جتي سائين جن اهڙي معنيٰ واضح ڪئي آهي، جيڪا اجوڪي ذهينن ۽ عقل جي اڪابرن جي امڪان ۾ نه آهي.

پهرين پنجن پارن جي ترجمي جي اشاعت تي، پاڻ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن خوش ٿيا ۽ ان سان گڏ سندن جد امجد بزرگن به خوشي ڪئي. جو اهڙي قسم جون ڪيترينون ٿي شاهديون مليون آهن. جن اهڙي خوشيءَ جي اظهار جو مشاهدو ڪيو، اهي الله تعاليٰ جا ٻانها اڄ به موجود زنده سلامت آهن.

پهرين پنجن پارن جي اشاعت بعد سندن والد بزرگوار حضرت خواجه عبدالحميد جان هڪ لڳان ڪجهه فڪرمند ٿيا ته هن نوجوان عالم ننڍي عمر ۾ هڪ اهڙي عظيم ڪتاب ڪلام پاڪ جو ترجمو ڪرڻ شروع ڪيو آهي، جنهن جي ته تائين پهچڻ لاءِ ۽ حقيقت سمجهڻ لاءِ وڏن وڏن عالمن، اسڪالرن زندگيون ڳاري ڇڏي ڪيون، پر اصل حقيقت تائين ڪماحقه نه پهچي سگهيا، اتي هن نوجوان جي ڪيل ترجمي تي ميتان ڪٿي ڪو موجوده دور جو عالم اعتراض نه ڪري وجهي. سائين جن رڳو اهو خيال ئي ڪيو ته رات جو ڪين حضرت خواجه عبدالله جان رحمة الله عليه (حضرت شاهه آغا) خواب ۾ آيا ۽ فرمايائون ته اي عبدالحميد! ڪوبه فڪر نه ڪر، مون هي ترجمو اکر اکر ڪري پڙهيو آهي، سو ڪنهن کي به هن تي اعتراض ڪرڻ جي ڪا طاقت ڪانهي.

ان کان سواءِ هن ڳالھ جو پڻ هن ترجمي ۾ خاص ڌيان رکيو ويو آهي تہ الله تعاليٰ جي حڪمن جي انحرافي ۽ انڪار جي صورت ۾ ڏوڪن ڏهسانن ۽ فرمانبرداري، جي صورت ۾ وعدن ۽ انعامن بابت جن مترجمن وڏي طمتراق سان ترجما ڪري ماڻهن کي منجهايو آهي تہ جيڪو عبادت نہ ڪندو سو دوزخ ۾ ويندو ۽ جيڪو عبادت ڪندو اهو جنت ۾ ويندو. تہ اهڙي فيڪٽر ۽ فڪر کي پڻ اهڙي انداز سان نڀايو ويو آهي جو ماڻهو هي ترجمو پڙهي خدا جي عبادت جنت جي شوق يا دوزخ جي خوف ڪان نہ ڪن، بلڪ الله تعاليٰ ۽ ان جي حبيب پاڪ جي رضا جوئي ۽ سندن محبت جي حصول لاءِ ڪن.

جيئن هڪ ڀيري حضرت رابعہ بصري رحمة الله عليها بصري شهر جي ڪنهن رستي تان گذري رهي هئي ۽ سندن هڪ هٿ ۾ پاڻي، جو ڪٽورو هو ۽ ٻئي هٿ ۾ پرنڊڙ ڪاٺي. ان حال ۾ حضرت حسن بصري رحمة الله عليه کين ڏسي فرمايو تہ اي بي بي صاحبہ! ڇا ماجرا آهي، جو اڄ اوهان جي هڪ هٿ ۾ پاڻي ۽ ٻئي ۾ باھ آهي؟

بي بي صاحبہ فرمايو تہ دل ٿي چوي تہ هن باھ سان جنت کي ساڙي ڇڏيان، جنهن ۾ داخل ٿيڻ جي تمنا ۾ ماڻهو عبادت ڪن ٿا، ۽ دل ٿي گهري تہ هن پاڻي، جي ڪٽوري سان دوزخ جي باھ کي وسائي ڇڏيان، جو ماڻهو فقط ان جي خوف ڪان عبادت ڪن ٿا. ڇا! اسان الله ڪريم رحيم جي عبادت ۽ فرمانبرداري ان جي محبت ۽ عشق ۾ نہ ٿا ڪري سگهون، جنهن اسان کي بيشمار نعمتن ۽ عطائن سان نوازيو آهي. ڇا! الله تبارڪ و تعاليٰ جا اسان تي اهي احسان گهٽ آهن جو اسان کي اشرف المخلوق انسان ڪري پيدا ڪيائين ۽ حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جو اُمتي ڪيائين ۽ آفاقي دستور العمل قرآن ڪريم اسان کي عطا ڪيائين تہ پوءِ اسان کي ان جي حڪمن جي پيروي ۽ عبادت سندس شڪرگذاري ۽ سندس رضا لاءِ ڪرڻ گهرجي نہ جنت جي حصول ۽ دوزخ جي خوف ڪان، جڏهن ڪان جنت ۽ دوزخ جو خيال ذهنن ۾ فٽ ڪيو ويو آهي، تڏهن ڪان احڪامات جي پيروي، ۾ لالچ ۽ خوف جو عنصر عشق ۽ محبت تي حاوي ٿيو آهي ۽ عبادت ۽ رياضت جو معيار بدلجي ويو آهي ۽ عبادت ۽ پيروي جا پيمانا رڳو جنت ۽ دوزخ وچي رهيا آهن، ۽ خلق خدا هڪ وڏي مونجهاري ۾ پنهنجي اصل مقصد وڃائي ويٺي آهي. مگر هن ترجمي ۾ اهڙي نظريي ۽ خيال کي پڻ سهڻي انداز سان سلجهايو ۽ سمجهايو ويو آهي، جيئن ماڻهو هي ترجمو پڙهي عشق الاهي، ۾ سرشار ٿي. الله تعاليٰ جي رضا ۽ محبوبن جي محبت حاصل خاطر عبادت ڪن.

اهڙيءَ طرح هي ترجمون موجوده دور جو هڪ عظيم الشان ۽ منفرد ۽ نرالو ترجمو آهي، جيڪو هڪ عظيم ڪرم جو نتيجو آهي. اسان کي يقين آهي تہ جيڪو بہ مسلمان ڀاءُ هن ترجمي کي محبت سان پڙهي هيئين سان هنڊائيندو تہ انشاءَ الله تعاليٰ ان تي الله تعاليٰ جي ڪرم ۽ رحمت جي انوارات جي برسات وسندي ۽ اهو يقيناً فيض وارو ٿيندو. وما توفيقي الا بالله.

# مترجم جو تعارف

حمد و ثنا جڳائي ان مالڪِ ڪائنات کي، جنهن جي "ڪُنْ" فرمائڻ سان هر شيءِ وجود ۾ آئي. بعد صلواتون ۽ سلام اُن نور مجسم جي ذاتِ اطهر تي، جيڪي رحمة للعالمين (صلی الله عليه وآله وسلم) جو ڪڪر بڻجي جهانن تي وَسيا.

جاڻڻ گهرجي ته قرآنِ پاڪ هڪ اهڙو الهامي ۽ لافاني ڪتاب الاهي آهي جنهن جي وسعت ۽ حڪومت قيامت تائين مؤمنن جي وجود ۾ هر وقت هر دور ۾ نئين ۽ تر و تازه رهندي. جنهن جي هر آيت وڏن وڏن ظاهري ۽ باطني رازن سان پريل، جنهن جو هر مضمون وقت ۽ موقعي جي مناسبت سان انساني فطرت جي عين مطابق مسائل جو حل فراهم ڪندڙ ۽ جنهن جو هر نڪتو بي انت ڳجهن الاهي رازن سان پرپور آهي. قرآن پاڪ جي اصل معنيٰ ۽ مفهوم ۽ مطلب کي سمجهڻ لاءِ هن وقت تائين لاتعداد عالمن بي حساب مختلف ٻولين ۾ ترجما ڪيا، هزارين مفسرن تفسير لکيا، ايستائين جو دنيا جي ٻئي ڪنهن ڪتاب تي ايڏي وڏي پئماني تي تحقيقي تشريحي ڪم نه ٿيو آهي جيترو هن ڪتابِ الاهي (قرآن پاڪ) تي ٿيو آهي ۽ ڇو نه ٿئي جو هي ڪلامِ الاهي آهي. مگر قرآنِ پاڪ جي مضمون جي اصلي حقيقت تائين پهچي ڪو به عالم، فاضل، مفسر، محقق ۽ مفڪر وغيره ان جي ڪُلي حقيقت تان پردو هٽائي نه سگهيو آهي. بنا مبالغي جي هر ڪنهن پنهنجي پنهنجي علمي وسعت ۽ قلبي بصيرت آهر هن بحرِ عميق مان موتين ګولڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي.

بيشڪ انهن جون بي بها ڪاوشون مسلمانن لاءِ قيامت تائين مشعلِ راهه ۽ رُشد و هدايت جو لازوال سرمايو آهن. مرحوم و مغفور فقير خير محمد نگڙ مديني شريف وارا فرمائيندا هئا ته قرآن پاڪ جي هر آيت ۾ هڪڙو خاص ڳجهو اکر (راز) رکيو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ الله جلّ جلالهٗ جي طرفان ڪرم ٿيڻ سان صرف سنڌس ئي پياري ٻانهي تي عيان ٿئي ٿي. جنهن ڪري اڪثر قرآن شريف جي ترجمن ۽ تفسيرن ۾ اهڙن خاص رازن ۽ رمزن جو خيال نہ رکيو ويو آهي، جن بزرگن تي اهڙا راز ظاهر ٿيا، تن وري انهن کي تحرير ۾ نہ آندو ۽ نہ اهي شايع ٿيا. بلڪ راز- راز ئي رهيا.

حضرت غوث پاڪ رحمة الله تعاليٰ عليه جڏهن قرآن شريف جو تفسير بيان فرمائيندا هئا ته هڪ هڪ آيت جون ڇهه ڇهه، ست ست ۽ ڪڏهن ڪڏهن ٻارنهن ٻارنهن معنائون ٻڌائيندا هئا. خود عربي زبان ايڏي وسيع آهي جو هڪ اکر جون ڪيترائي معنائون نڪرن ٿيون.

هن قرآن جي مترجم سائين عبدالوحيد جان جو چوڻ آهي ته قرآن جي معنيٰ ۽ تفسير اهو لکي، جنهن تي الله تعاليٰ جو ڪرم هجي ۽ حضور نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جن جي نظرِ رحمت هجي ۽ پڻ ان کي عربي زبان تي مڪمل عبور حاصل هجي ۽ ان کي مدد صرف پراڻن عربي مستند تفسيرن کان وٺڻ گهرجي، جيڪي حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي زماني مبارڪ کي قريب آهن، جهڙوڪ: تفسير جلالين، تفسير بيضاوي، تفسير ڪبير، تفسير مظهري، تفسير روح البيان ۽ تفسير روح المعاني وغيره.

ٻين ٻولين سان گڏ هن سُهڻي، سلوڻي ۽ سَوَلي زبان سنڌي ۾ بہ قرآن مجيد جا ترجما ۽ تفسير قديم زماني کان وقت ۽ ضرورت جي لحاظ سان سنڌي عالم

عبور حاصل هجي. جنهن کي علم وادب جي هيئت ۽ ڪلام جي مزاج جي سيني پهلوئن جي پوري پوري ڄاڻ حاصل هجي. جيئن قرآن پاڪ جي اصل روح کي نمايان ۽ اجاگر ڪري سگهجي. مترجم، ان ڏس ۾ پنهنجي ذميواري کي خوب کان خوب تر انداز سان نڀايو آهي ۽ جنهن خوبصورت انداز سان، تسلسل، ڪلام جي رواني، سليس ۽ عام فهم سادي سولي ۽ منڊي سنڌي ٻولي ۾ ڪلام پاڪ جو منفرد ۽ مدلّل ترجمو ڪيو آهي، سو ڪنهن ڪرامت کان گهٽ نه آهي. الله جل جلالهٗ جي رحمتن جي مِٺن برسات رحمة للعالمين صلی الله عليه وآله وسلم جن جي مِٺن نظرِ عنايت ۽ پنهنجي بزرگانِ سلف جي روحاني فيض جي درياء منجهان بي پايان فيض جي مِٺن پالوت جو اهو ڪمال آهي جنهن جي مدد سان سائين جن کي اها عظيم تر سعادت حاصل ٿي رهي آهي.

سڀاجهي سنڌ، جنهن کي مديني جي مير صلی الله تعالیٰ عليه وآله وسلم جي خاص الخاص مهربانين سان ”بَابُ الْاِسْلَام“ جو نرالو شرف حاصل آهي، شروع کان ئي اولياءُن، عاشقن الله وارن، بزرگن، صوفين، عالمن، درويشن، مجذوبن ۽ فقيرن جي سرزمين رهي آهي. جنهن شاه لطيف جهڙا لعل، شهباز جهڙا قلندر، مخدوم بلاول جهڙا ڪامل حضرت رومي ڏٺي جهڙا رهبر پيدا ڪيا ته ٻئي طرف مخدوم عبدالواحد سيوهاڻي نعمان ثاني جهڙا فقيه، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جهڙا فاضل، مولٰنا بهاءالدين بهائي ثاني سعدي جهڙا مصنف ۽ مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي جهڙا ڪيترائي مجاهد عالم پيدا ڪيا.

انهن اولياءُن، بزرگن ۽ عالمن جي صف ۾ هڪ روشن ۽ فيض رسان درگاهه — درگاهِ عاليه سرهنديه مجدديه فاروقيه ٻه پوئين هڪ صدي کان ٽنڊو سائينداد، ضلع حيدرآباد سنڌ ۾ روحاني فيض ۽ علم و عرفان جو مرڪز بڻيل آهي.

طالب ٿي پيئي ته سفر جو ارادو مؤخر ڪيائون ۽ سيد ميران محمّد شاهه کي تلقين ڪري پنهنجي خاص مريدن جي حلقي ۾ شامل ڪيائون. ان وقت افغانستان جي اندروني صورتحال ابتر هئڻ سبب سيد صاحب حضرت خواجه صاحب جن کي مڪمل طرح سان سنڌ ۾ هلي پنهنجي ڳوٺ ٽڪڙ ۾ مستقل رهائش پذير ٿيڻ لاءِ عرض ڪري پنهنجي دلي ارادي کان آگاهه ڪيو ۽ ان بعد پاڻ واپس آيا.

سراج الاولياء حضرت خواجه عبدالرحمان جان سرهندي (جن جو سلسلهءِ نسب ٢٧ پشت جي واسطي سان خليفهءِ ثاني سيدنا حضرت عمر ابن الخطاب رضي الله عنه سان وڃي ملي ٿو ۽ ان ئي سلسلي ۾ حضرت امام رباني مجدد الف ثاني شيخ احمد فاروقي سرهندي رحمة الله عليه جي ٣٣ پشت ۾ پيدائش ٿي) جي ڏاڏي قطب الزمان حضرت شاهه فضل الله سرهندي ۽ سندن والد قدوة السالڪين حضرت شاهه عبدالقيوم سرهندي جن جا سنڌ ۾ اڳيئي ڪافي تعداد ۾ مريد ۽ معتقد موجود هئا. جن ڏانهن پاڻ ايندا رهندا هئا. جڏهن پاڻ قنڌار کان حجاز مقدس هجرت ڪرڻ وقت افغانستان ڇڏي سنڌ جي شهر مٽيارين ۾ تشريف فرما ٿيا، تڏهن علائقي جي هر هڪ مريد جي اها خواهش هئي ته حضرت خواجه صاحب اسان وٽ هلي دائمي قيام فرمائين. مگر پاڻ سڀني کي فرمايائون ته اسان هت رهڻ لاءِ نه آيا آهيون بلڪ اسان جو ارادو حجاز مقدس هجرت ڪري وڃڻ جو آهي. اتي ئي سيد ميران محمّد شاهه به موجود هئا، جن حضرت صاحب کي اڳي وانگر پنهنجو عرض پيش ڪيو، جنهن کي حضرت خواجه صاحب جن قبول فرمايو ۽ پوري خاندان سميت سيد ميران محمّد شاهه جي ڳوٺ ٽڪڙ ۾ قيام فرمايائون. ڪجهه عرصو ٽڪڙ ۾ گذارڻ کان پوءِ حج جي ارادي سان، حضرت صاحب جن

مدينه منوره روانا ٿيا. جڏهن مدينه منوره پهتا ته پاڻ پڪو ارادو ڪيائون ته اسين مدينه منوره ۾ هميشه قيام پذير ٿينداسين.

جڏهن اها خبر سنڌ جي مريدن کي پهتي ته سنڌ مان ڪافي مخلص مدينه منوره پهچي حضرت صاحب کي واپس سنڌ هلڻ لاءِ عرض ڪيو، پر پاڻ سيني کي انڪار ڪري ڇڏيو. نيٺ سائين ميران محمّد شاه اول ۽ ڪجهه ٽکڙائي سيّد مدينه منوره پهتا ۽ حضرت صاحب کي عرض ڪيائون ته توهان واپس اسان وٽ هلو. جڏهن ٽکڙائي سيدن گهڻو زور ڀريو ته حضرت صاحب جن فرمايو ته اسان جو ارادو هتي رهڻ جو آهي. پر جيڪڏهن توهان هلڻ لاءِ گهڻو چئو ٿا ته آئون سنڌ هلڻ يا نه هلڻ جو جواب توهان کي سڀاڻي ٻڌائيندس. حضرت صاحب جن عشا جي نماز مسجد نبوي شريف ۾ پڙهي، ساري رات ذڪر ۽ عبادت ۾ گذاري ۽ تهجد جي نماز کان پوءِ پاڻ استخاره جي دُعا پڙهي آرام ڪيو.

تنهن اچڻ شرط کين سرڪار دوعالم صلى الله عليه وآله وسلم جي زيارت نصيب ٿي. پاڻ ڪريمن، حضرت صاحب کي ارشاد فرمايو ته توهان سنڌ وڃو، ڇو ته سنڌ وارن کي توهان جي ضرورت آهي. حضرت صاحب عرض ڪيو ته اسين سنڌ وڃڻ لاءِ تيار آهيون پر براهِ ڪرم توهان مون کي پنهنجي ڪا نشاني عطا فرمايو. پاڻ ڪريمن سائي رنگ جو هڪ ننڍڙو خوبصورت پٿر مبارڪ عنايت فرمايو. حضرت صاحب جن جڏهن سجاڳ ٿيا ته اهو ساڳيو پٿر مبارڪ سندن سيني مُبارڪ تي موجود هو. ٻئي ڏينهن صُبح جو سوير حضرت خواجه صاحب جن سائين ميران محمّد شاه (اول) کي مخاطب ٿي فرمايو ته اسين توهان سان سنڌ هلڻ لاءِ تيار آهيون. مطلب ته ٽکڙائي سيدن جي استدعا تي حضرت خواجه صاحب جن مدينه منوره ۾ رهائش جو ارادو ترڪ فرمائي واپس ٽکڙ شريف پهتا. پاڻ وصيت فرمايائون ته مذڪوره عنايت ٿيل پٿر مبارڪ سندن لحد ۾ سندن سيني تي رکيو وڃي. سندن وصيت موجب اهو متبرڪ پٿر سندن سيني مبارڪ تي

صورت ۾ موجود آهي. پاڻ ٻه پنهنجي بزرگن جي روايت کي برقرار رکندي ڪيترائي مدرسا ۽ مسجدون ٺهرايائون ۽ اٽڪل ٢٥ ڪن سنڌي، عربي ۽ فارسي ڪتاب لکيائون. پاڻ ١٧ اپريل ١٩٧٣ع ۾ تهجد جي وقت قرآن پاڪ جو ختم پورو ڪري اکيون پوريائون ۽ واصل بالله ٿيا.

(٤) حضرت شاهه آغا جي وصال بعد سندن فرزند امام العارفين حضرت خواجه غلام علي جان سرهندي مسند نشين ٿيا. پاڻ پنهنجي وقت جا وڏا عارف ۽ ممتاز عالم هئڻ سان گڏ وڏا حاذق حڪيم پڻ هئا. پرهيزگاري ۽ تقويٰ جا پيڪر ۽ شريعت ۽ طريقت جا امام هئا. سندن وفات ٢٦ شعبان ١٣٩٧هه مطابق ١٩٧٧ع ۾ ٿي، سندن مزار سائي مقبري ۾ آهي.

(٥) سندن وصال بعد سندن فرزند حضرت خواجه عبدالحميد جان مجددي سرهندي مسند نشين ٿيا. الله تعاليٰ کين خضري حياتي بخشي. پاڻ پنهنجي عقيدتمندن ۽ مريدن لاءِ چپرچانو آهن ۽ سندن تاليف قلب لاءِ ذڪر اذڪار طرف خاص توجه ڏيندا رهن ٿا. ساڳئي وقت سندن پياري فرزند (هن قرآن جي مترجم) کي به پنهنجي خاص توجه ۽ پرپور ڪوشش سان اعليٰ مقام تي پهچائڻ ۾ ڪا به ڪسر باقي نه ڇڏي اٿن. اهوئي سبب آهي جو سائين عبدالوحيد جان صاحب ٿوري عمر ۾ هن منزل کي پهتا آهن. جنهن جو مثال ڳوليئن آڏو آهي.

(٦) حضرت علامه عبدالوحيد جان سرهندي مجددي جي ولادت باسعادت ٢٢ ڊسمبر ١٩٦٣ع مطابق ٥ شعبان ١٣٨٣هه بروز آچر دارالارشاد درگاهه عاليه ٽنڊو سائينداد ۾ ٿي، سندن ابتدائي تعليم و تربيت ننڍپڻ کان ئي سندن ڏاڏي امام العارفين حضرت آغا غلام علي جان ڪئي. مئٽرڪ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪرڻ کان پوءِ کين موري جي "مدرسه رحمانيه" ۾ ديني تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ داخل ڪرايو ويو. جتي کين مدرسي جي مدرس اعليٰ حضرت مولانا مفتي عزيزالله صاحب جن خاص توجه سان پڙهايو. اٺن سالن ۾ درسِ نظامي پورو ڪيائون. ان

دوران، مولوي، عالم ۽ فاضل عربيءَ جا امتحان فرسٽ پوزيشن ۾ پاس ڪيائون. ٻئي طرف وفاق طرفان منظور ٿيل تنظيم المدارس اهلِ سنت پاڪستان لاهور کان سند شهادة العالميه (ايم. اي) ممتاز پوزيشن ۾ حاصل ڪيائون. فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ سنڌ يونيورسٽي مان ايم. اي عربيءَ جي ڊگري فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ۾ حاصل ڪيائون جنهن تي کين سنڌ يونيورسٽي طرفان "سونو تمغو" بطورِ اعزاز ڏنو ويو. ان سان گڏ مايهء ناز عالم حضرت مولانا مفتي محمد فيض احمد اويسي بهاولپوري وٽ دورهء تفسير پڙهيائون. پاڻ تعليم سان گڏ مطالعو به جاري رکيو اچن. سندن بزرگن کان شاعري ۽ حڪمت به ورثي ۾ مليل آهي. ١٩٨١ع ١٩٩٠ع ١٩٩١ع ۽ ١٩٩٢ع ۾ چار ڀيرا کين حج جي سعادت به حاصل ٿي آهي، جتي (مدينه شريف ۾) قيام دوران کين سلطانِ ڪونين صلي الله عليه وآله وسلم جي فيوضات ۽ برڪات سان خوب نوازيو ويو. سندن علمي لياقت ۽ روحاني بصيرت ۽ تحقيقي اهليت جي اعتراف ۾ سنڌ حڪومت کين ويهن سالن جي ننڍي عمر ۾ مهراڻ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ سينڊيڪيٽ جو ميمبر مقرر ڪيو. مطلب ته پاڻ جامع خصوصيات جا حامل اهڙا هيرا آهن، جن جي جيتري واکاڻ ڪجي سا گهٽ آهي، سندن فني مهارت ۽ علمي وسعت جو ڪو اندازو ئي ڪونهي. خصوصاً علم تفسير، علم حديث ۽ علم فقه تي ڪمال جي دسترس حاصل آهي. اها مهرباني مٿن خاص طور تي حضرت حبيب ڪريم صلي الله تعالیٰ عليه وآله وسلم جن جي آهي: جو پاڻ صرف ٢٩ سالن جي عمر ۾ قرآن پاڪ جو ترجمو (۽ تفسير) لکڻ شروع ڪيائون. اهو به آسان ۽ روان سنڌيءَ ۾ تحت اللفظ ۽ انتهائي منفرد ۽ مدلل انداز سان ادب ۽ محبت جي تقاضائن کي پورو ڪندي، ڪيترن ئي مخفي رازن تان پردو هٽائي بصيرت افروز ترجمو ڪيو آهي. قرآن جي هر آيت جي هر لفظ ۾ هڪ گهڻي معنيٰ رکيل آهي، جنهن جي پروڙ جي هر ڪو بصيرت ۽ اهليت نٿو رکي، مگر سائين عبدالوحيد جان ان سلسلي ۾ پوري پوري ڪوشش

ڪيُ آهي. منهنجي دعا آهي تہ اللہ تعالیٰ ڪين اعلیٰ صفات ۽ برڪات و فيوضات سان نوازي ۽ پنهنجي بزرگن جي نقوش نمايان تي مڪمل معمل ۽ قائم دائم رکي، جيئن هي فيض و برڪت جو روان روحاني درياء عامة المسلمين کي ترڇ ۽ توقع مطابق حقيقي فيض سان سيراب ڪندو وهي.

اللہ تعالیٰ جا لک احسان، ڪروڙين ڪرم، جو محبوبن ڪريمن عليه التحية والتسليم جي خاص الخاص مهربانين سان هن ترجمي جي اشاعت جو محبوب ترين ڪم اسان جي حصي ۾ آيو آهي. انهي سموري ڪم جي تڪميل ۾ اسان جي ڪاتب فقير فيض محمد سڪندري پتافي ۽ ٻين دوستن نهايت خوش اسلوبي سان ساٿ ڏنو آهي. اللہ تعالیٰ پنهنجي حبيب ڪريم صلی اللہ عليه و آله وسلم جي صدقي سيني تعاون ڪندڙن کي جزاءِ خير سان نوازي، آمين.

پروگرام مطابق پهرئين مرحلي ۾ ڪم کي آسان ڪندي، پنجن پنجن پارن جا جلد شايع ڪري في سبيل اللہ تقسيم عام ڪيو ويو. هن وقت بفضله تعالیٰ مڪمل ٽيهن پارن جي ترجمي کي يڪجا ڪري هڪ جلد ۾ شايع ڪري رهيا آهيون، ۽ هي سعادت جناب قاضي عبدالقدوس راڄڙ حاصل ڪري رهيو آهي.

آخر ۾ سيني پڙهندڙن کي مؤدبانہ گذارش ٿي ڪجي تہ هن عظيم ڪارِ خير ۾ حصي وٺندڙن سيني مهربانن ۽ مون عاجز ۽ منهنجي اهل اولاد کي پنهنجي نيڪ دعائن ۾ ياد فرمائيندا.

خادم العلماء

**سيد قمر الزمان شاهہ**

لطيف آباد نمبر 2، حيدرآباد سنڌ

نحمدہٗ ونصلی ونسلم

بسم اللہ سبحانہٗ وتعالیٰ

# هي ترجمون قرآن جو

مؤمنو دل سان پڙهو، هي ترجمون قرآن جو،
سولو سنو سهڻو ٿيو، هي ترجمون قرآن جو.

دل جي عقيدت سان پڙهو، رحمٰن جو ٿيو هي بيان،
بهتر ۽ بالا ٿيو، هي ترجمون قرآن جو.

شان مرسل مير جو، ڪولي ڪيم اُن ۾ عيان،
قابلِ تعريف ٿيو، هي ترجمون قرآن جو.

مستند اُن جا حوالا، معتبر اُن جي زبان،
اهلِ سنت جو ٿيو، هي ترجمون قرآن جو.

پڙهندڙن تي رحمتون، نازل ٿين ٿيون بي گمان،
اعليٰ ۽ اشرف ٿيو، هي ترجمون قرآن جو.

عبد کي عرفان مليو، محبوب مدني مير کان،
خير سان پورو ٿيو، هي ترجمون قرآن جو.

عبدہٗ عبدالوحيد سرهندي عفي عنه



بسم اللہ الرحمن الرحیم
سیدنا محمد صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم
احمد
حامد
محمود
احید
وحید
ماح
حاشر
عاقب
طٰہٰ
یٰسٓ
طاہر
مطہر
طیب
سید
رسول
نبی
رسول الرحمۃ
قیم
جامع
مقتفی
مقفی
رسول الملاحم
رسول الراحۃ
کامل
اکلیل
مدثر
مزمل
عبداللہ
حبیب اللہ
صفی اللہ
نجی اللہ
کلیم اللہ
خاتم الانبیاء
خاتم الرسل
محی
منجی
مذکر
ناصر
منصور
نبی الرحمۃ
نبی التوبہ
حریص علیکم
معلوم
شہیر
شاہد
شہید
مشہود
بشیر

نَبِّهْنَا مِنَ الْخَطَرِ الْعَظِيْمِ وَنَجِّنَا مِنَ الْعَذَابِ الْاَلِيْمِ وَارْزُقْنَا النَّظَرَ اِلٰى وَجْهِكَ الْكَرِيْمِ وَتُبْ عَلَيْنَا اِنَّكَ اَنْتَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ وَاقْضِ حَوَائِجَنَا وَحَوَائِجَ الْمُسْلِمِيْنَ اَجْمَعِيْنَ اٰمِيْنَ وَنَسْئَلُكَ اَللّٰهُمَّ بِجَاهِهِ الْاَعْظَمِ وَبِقُرْبِهِ الْاَكْمَلِ وَالْاَفْخَمِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اَنْ تَتَفَضَّلَ عَلَيْنَا بِجَمِيْعِ مَا نُحِبُّهُ مِنَ الْخَيْرِ وَتُعِيْذَنَا مِنْ جَمِيْعِ مَا نَخَافُهُ مِنَ الشَّرِّ بِرَحْمَتِكَ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالسَّلَامُ عَلَى الْمُرْسَلِيْنَ وَصَلَّى اللّٰهُ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّاٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَبَارَكَ وَسَلَّمَ اَجْمَعِيْنَ اٰمِيْنَ اٰمِيْنَ اٰمِيْنَ يَا رَبَّ الْعٰلَمِيْنَ ۔